# سنڌ ايڪٽ نمبر XIV مجريه 2006

# SINDH ACT NO.XIV OF 2006

# سنڌ معلومات جي آزادي ايڪٽ، 2006

# THE SINDH FREEDOM OF INFORMATION ACT, 2006

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)


1.مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2.وصفون

Definitions

3.معلومات تائين پهچ کان انڪار نہ ڪيو ويندو

Access to information not to be denied

4.رڪارڊ جي مرمت ۽ گڏ ڪرڻ

Maintenance and indexing records

5.رڪارڊز جي اشاعت ۽ دستيابي

Publication and availability of records

6.رڪارڊز جي ڪمپيوٽرائيزيشن

Computerization of records

7.پبلڪ رڪارڊ جو اعلان

Declaration of public record

8.مخصوص رڪارڊ خارج ڪرڻ

Exclusion of certain record

9.درخواست گذارن جي مدد جي ذميداري

Duty to assist requesters

10.عملدار جي مقرري

Designation of official

11.مقرر ڪيل عملدار جا ڪم

Functions of designated official

12.معلومات وغيره حاصل ڪرڻ لاءِ درخواستون

Application for obtaining information etc

13.معلومات جي انڪشاف کان ڇوٽ

Procedure for disposal of applications

14.درخواستن جي نيڪال لاءِ طريقيڪار

Exempt information from disclosure

15.عالمي لاڳاپا

International relations

16.قانون جي عملدار آمد لاءِ نقصانڪار انڪشاف

Disclosure harmful to law enforcement

17.رازداري ۽ ذاتي معلومات

Privacy and personal information

18.معاشي ۽ واپاري معاملا

Economic and commercial affairs

19.محتسب اعليٰ ڏانهن وسيلا

Resources to the Ombudsman

20.غير سنجيده، پريشان ڪندڙ ۽ بدنيتي تي ٻڌل شڪايت خارج ڪرڻ

Dismissal of frivolous, vexatious and malicious complaint

21.ڏوهہ

Offence

22.ڇوٽ

Indemnity

23.ايڪٽ ٻين قانونن جي توهين نہ ڪندو

Act not be derogate other laws

24.رنڊڪون هٽائڻ جو اختيار

Power to remove difficulties

25.قاعدا جوڙڻ جو اختيار

Power to make rules

# سنڌ ايڪٽ نمبر XIV مجريہ 2006

# SINDH ACT NO.XIV OF 2006

# سنڌ معلومات جي آزادي ايڪٽ، 2006

# THE SINDH FREEDOM OF INFORMATION ACT, 2006

[27 ڊسمبر 2006]

ايڪٽ جنهن ذريعي شفافيت ۽ معلومات جي آزادي فراهم ڪئي ويندي؛

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ اهو ضروري ٿي پيو آهي تہ شفافيت ۽ معلومات جي آزادي فراهم ڪرڻ لاءِ اهو يقيني بڻايو وڃي تہ سمورن شهرين کي عوامي معلومات تائين بهتر پهچ فراهم ڪئي وڃي تہ جيئن حڪومت کي شهرين آڏو وڌيڪ جوابده بڻائي سگهجي، ۽ لاڳاپيل معاملن لاءِ قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1.(1) هن ايڪٽ کي سنڌ معلومات جي آزادي ايڪٽ، 2006 سڏيو ويندو.

(2)اهو فوري طور لاڳو ٿيندو.

وصفون

2. هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪجهہ مضمون ۽ مفهوم جي

Definitions

متضاد نہ هجي، تيستائين:

(a) ”درخواست گذار“ مطلب:

(i). هڪ درخواست گذار؛ يا

(ii). درخواست گذار لاءِ ان جي طرفان ڪم ڪندڙ ڪو شخص؛

(b) ”شڪايت“ مطلب شڪايت گذار طرفان لکت ۾ ڪو الزام:

(i). جتي اهو درخواست گذار آهي تہ غلط طريقي عوامي اداري طرفان رڪارڊ تائين پهچ کان انڪار ڪيو ويو آهي؛

(ii). جتي اهو درخواست گذار آهي تہ سرڪاري اداري جي تحويل يا ضابطي هيٺ سندس ذاتي رڪارڊ تائين پهچ يا ان ۾ درستگي کان غلط طريقي انڪار ڪيو ويو آهي؛

(iii). جتي اهو درخواست گذار آهي تہ سندس طرفان طلب ڪيل معلومات ڏيڻ ۾ سرڪاري اداري طرفان غير ضروري دير ڪئي پئي وڃي؛

(c) ”مقرر ڪيل عملدار“ مطلب سرڪاري اداري طرفان دفعہ 10 تحت مقرر ڪيل عملدار؛

(d) ”ملازم“ سرڪاري اداري جي سلسلي ۾ مطلب سرڪاري اداري ۾ مستقل يا عارضي بنيادن تي ملازمت تي رکيل شخص؛

(e) ”حڪومت“ مطلب سنڌ حڪومت؛

(f) ”محتسب اعليٰ“ مطلب صوبي سنڌ لاءِ آفيس جو قيام

ايڪٽ، 1991 جي دفعہ 3 تحت مقرر ڪيل محتسب اعليٰ؛

(g)”بيان ڪيل “ مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل قاعدن موجب بيان ڪيل؛

(h)”سرڪاري ادارو“ مطلب:

(i) حڪومت جو ڪو کاتو يا حڪومت سان جڙيل ڪو کاتو؛

(ii) صوبائي اسيمبلي جي سيڪريٽريٽ؛

(iii) ڪنهن بورڊ، ڪميشن، ڪائونسل جي ڪا آفيس، يا صوبائي قانون تحت قائم ڪيل ڪو بيو ادارو؛

(iv) ڪورٽس ۽ ٽربيونلز؛ ۽

(i) ”رڪارڊ“ مطلب ڪنهن بہ طريقي جو رڪارڊ، پوءِ اهو پرنٽ ۾ هجي يا لکت ۾ هجي ۽ جنهن ۾ شامل آهي ڪو نقشو، ڊاياگرام، فوٽوگرافي، فلم، مائڪرو فلم، جيڪو رڪارڊ رکندڙ سرڪاري اداري طرفان سرڪاري مقصد لاءِ استعمال ڪيو ويندو هجي.

**معلومات تائين پهچ کان انڪار نہ ڪيو ويندو**

**Access to information not to be denied**

3.(1) جيستائين ڪجهہ وقتي طور لاڳو ڪنهن بئي قانون جي متضاد نہ هجي ۽ هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب ڪنهن بہ درخواست گذار کي ڪنهن سرڪاري رڪارڊ تائين پهچ کان انڪار نہ ڪيو ويندو، سواءِ دفعہ 15 ۾ ڄاڻايل ڇوٽ جي.

(2)هن ايڪٽ جي هن ريت تشريح ڪئي ويندي:

(i) هن ايڪٽ جي مقصدن کي ترقي ونرائڻ لاءِ؛ ۽

(ii) معلومات جي پڌرائي ۾ فوري طور تي ۽ موزون

گهٽ ۾ گهٽ قيمت تي سهولت ڏيڻ ۾ هٿي وٺرائڻ.

**رڪارڊ جي مرمت ۽ گڏ ڪرڻ**
Maintenance and indexing records

4. هن ايڪٽ جي گنجائشن ۽ قاعدن موجب هر سرڪاري ادارو اهو يقيني بڻائيندو ته سمورا رڪارڊز بهتر نموني سنڀاليا ويا آهن.

**رڪارڊز جي اشاعت ۽ دستيابي**
Publication and availability of records

5.ايڪٽ ۾ ماتحت قانون سازي جهڙوڪ قاعدا ۽ ضابطا، نوٽيفڪيشنز، باءِ لاز مينوئلز، آرڊرز جن کي سنڌ صوبي ۾ قانون جي طاقت هجي اهي مڪمل طور شايع ڪيا ۽ موزون قيمت تي جوڳي تعداد ۾ آئوٽ ليٽس تي دستياب بڻايا ويندا ته جيئن آساني سان، گهٽ وقت خرچ ڪندي ۽ گهٽ مهانگي اگهه تي رسائي ڏئي سگهجي.

**رڪارڊز جي ڪمپيوٽرائيزيشن**
Computerization of records

6. هر سرڪاري ادارو موزون وقت اندر ۾ موجود وسيلن موجب ڪوشش ڪندو ته هن ايڪٽ تحت جوڙيل رڪارڊز ڪمپيوٽرائزڊ ڪيا ويا آهن ۽ سڄي ملڪ ۾ نيٽ ورڪ ذريعي ملايا ويا آهن يا مختلف سرشتن ۾ ته جيئن اهڙن رڪارڊز تائين اٿارائيزڊ پهچ ڏئي سگهجي.

**پبلڪ رڪارڊ جو اعلان**
Declaration of public record

7.دفعه 8 جي گنجائشن موجب سرڪاري ادارن جا هيٺيان رڪارڊ پبلڪ رڪارڊ اعلان ڪيا ويا آهن، يعني:

a. حڪمت عمليون ۽ رهنمايون؛
b. ملڪيت جي حاصل ڪرڻ ۽ نيڪال ڪرڻ ۽ سرڪاري اداري طرفان پنهنجي ذميدارين جي ڪارڪردگي ۾ ڪيل خرچ بابت ٽرانزيڪشنز؛
c. سرڪاري اداري طرفان جاري ڪيل لائسنسز، الاٽمينٽس ۽ ٻين فاعدن ۽ مراعتن ۽ ٺيڪن ۽ معاهدن بابت معلومات؛

d. حتمي حڪم ۽ فيصلا بشمول عوام جي ميمبرن سان لاڳاپيل فيصلن جي؛ ۽

e. ٻيو ڪو رڪارڊ جيڪو حڪومت طرفان هن ايڪٽ جي مقصد لاءِ عوامي رڪارڊ ڄاڻايو ويو هجي.

مخصوص رڪارڊ خارج ڪرڻ
Exclusion of certain record

8. دفعہ 7 ۾ ڄاڻايل ڪجھ بہ سمورن سرڪاري ادارن جي هيٺين رڪارڊ تي لاڳو نہ ٿيندو يعني:

(a) فائيلن تي نوٽنگ؛

(b) ميٽنگ جا منٽس؛

(c) ڪو وچون مشورو يا سفارش؛

(d) بئنڪنگ ڪمپنيز ۽ مالياتي ادارن جو انهن جي گراهڪن جي اڪائونٽس سان لاڳاپيل رڪارڊ؛

(e) دفاعي فورسز، دفاعي اوزارن سان لاڳاپيل رڪارڊ يا انهن سان جڙيل يا دفاع ۽ قومي سلامتي سان لاڳاپيل رڪارڊ؛

(f) حڪومت طرفان ڳجهو ڄاڻايل رڪارڊ؛

(g) ڪنهن فرد جي ذاتي راز سان لاڳاپيل رڪارڊ؛

(h) سرڪاري اداري کي زباني يا ڳجهي شرط تحت نجي دستاويزن جو رڪارڊ فراهم ڪرڻ تہ اهڙن ڪن دستاويزن ۾ موجود معلومات ٽئين شخص سامهون پڌري نہ ڪئي ويندي؛ ۽

(i) اهڙو ٻيو ڪو رڪارڊ جيڪو حڪومت عوامي مفاد ۾ هن ايڪٽ جي دائره اختيار کان ٻاهر ڪري.

درخواست گذارن جي مدد جي ذميداري
Duty to assist

9. سرڪاري ادارو ضروري قدم کڻندو جيڪي هن ايڪٽ تحت ڪنهن درخواست گذار جي مدد ڪرڻ لاءِ بيان ڪيا ويا هجن.

requesters

**عملدار جي مقرري**
**Designation of official**

10.(1) سرڪاري ادارو هڪ عملدار مقرر ڪندي ۽ ڄاڻائيندي جنهن کي هن ايڪٽ تحت درخواستون ڪيون وينديون. اهڙا عملدار عوام کي معلومات تائين آسان پهچ کي يقيني بڻائڻ لاءِ مقرر ڪيا ويندا.

(2)اهڙو عملدار مقرر نه ڪرڻ جي صورت ۾ يا غير حاضري جي صورت ۾ يا مقرر ڪيل عملدار موجود نه هئڻ جي صورت ۾، سرڪاري اداري جو انچارج شخص مقرر ڪيل عملدار هوندو.

**مقرر ڪيل عملدار جا ڪم**
**Functions of designated official**

11.هن ايڪٽ جي گنجائشن ۽ ان تحت جوڙين قاعدن ۽ حڪومت جي هدايتن موجب، جيڪڏهن ڪي هجن، مقرر ڪيل عملدار ڪنهن عوامي رڪارڊ ۾ شامل معلومات فراهم ڪندو يا جيئن معاملو هجي، اهڙي ڪنهن رڪارڊ جي نقل فراهم ڪندو.

**معلومات وغيره حاصل ڪرڻ لاءِ درخواستون**
**Application for obtaining information etc**

12.(1) ذيلي دفعه (2) موجب، پاڪستان جو ڪو به شهري مقرر ڪيل عملدار کي اهڙيءَ ريت درخواست ڏئي سگهي ٿو جيئن بيان ڪيو ويو هجي ۽ پنهنجي درخواست سان گڏ ضروري تفصيل، اهڙي في ادا ڪندو ۽ اهڙي وقت تي جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(2)ذيلي دفعه (1) ۾ شامل ڪجهه به اهڙي عوامي رڪارڊ تي لاڳو نه ٿيندو، جيڪو سرڪاري گزيٽ ۾ شايع ڪيو ويو هجي يا وڪري لاءِ پيش ڪيل ڪتاب جي صورت ۾ شايع ڪيو ويو هجي.

**معلومات جي انڪشاف ڪان ڇوٽ**

13.(1) ذيلي دفعه (2) موجب دفعه 12 تحت درخواست ملڻ تي مقرر ڪيل عملدار درخواست ملڻ جي ايڪويهه ڏينهن

Procedure for disposal of applications

اندر درخواست گذار کي گھربل معلومات فراهم ڪندو، يا جيئن معاملو هجي ڪنهن عوامي رڪارڊ جي معلومات جو نقل فراهم ڪندو يا جيئن معاملو هجي، ڪنهن عوامي رڪارڊ جي نقل فراهم ڪندو.

(2) ان صورت ۾ ته مقرر ڪيل عملدار جو خيال آهي ته:

(a) درخواست ان طريقي ناهي، جنهن طريقي بيان ڪئي وئي آهي؛

(b) درخواست ۾ ضروري تفصيل ناهن ڏنا ويا يا اهڙي في ادا ناهي ڪئي وئي، جيڪا بيان ڪئي وئي آهي؛

(c) درخواست گذار کي اهڙي معلومات حاصل ڪرڻ جو حق ناهي؛

(d) گھربل معلومات، يا جيئن معاملو هجي، گھربل رڪارڊ دفعه 7 تحت عوامي رڪارڊ نه آهي؛

(e) گھربل معلومات يا، جيئن معاملو هجي، گھربل رڪارڊ دفعه 8 تحت شامل نه ڪيل رڪارڊ آهي،

اهو پنهنجو فيصلو لکت ۾ رڪارڊ ڪندو ۽ درخواست گذار کي درخواست ملڻ جي ايڪويهه ڏينهن اندر اهڙي فيصلي بابت آگاهه ڪيو ويندو.

(3) معلومات يا ذيلي دفعه (1) تحت درخواست گذار کي فراهم ڪيل ڪنهن عوامي رڪارڊ جي نقل هيٺان هڪ سرٽيفڪيٽ هوندو ته معلومات درست آهي يا، جيئن معاملو هجي، نقل اهڙي عوامي رڪارڊ جي سچي نقل آهي، ۽ اهڙي سرٽيفڪيٽ تي مقرر ڪيل عملدار طرفان تاريخ لڳائي ۽ صحيح ڪئي ويندي.

درخواستن جي نيڪال

14. هن ايڪٽ جي گنجائش موجب سرڪاري اداري کان

| | |
|---|---|
| چوٽ ڏنل معلومات پڌري ڪرڻ جي گهر نہ ڪئي ويندي. | لاءِ طريقيڪار Exempt information from disclosure |
| 15.(1) معلومات جي پڌرائي کي ڇوٽ حاصل هوندي جيڪڏهن ان جي پڌرائي پاڪستان جي عالمي لاڳاپن جي مفاد کي وڏو ۽ مستقل نقصان پهچائيندي هجي.<br>(2)هن دفعہ ۾ ”عالمي لاڳاپا“ مطلب لاڳاپا پاڪستان ۽:<br>(a) ڪنهن ٻي پرڏيهي رياست جي حڪومت، يا<br>(b)ڪا تنظيم جنهن جون ميمبرز رڳو رياستون هجن. | عالمي لاڳاپا International relations |
| 16. معلومات کي ڇوٽ حاصل هوندي جيڪڏهن ان جي پڌرائي:<br>(a) جي نتيجي ۾ ڪو ڏوهہ ٿئي؛<br>(b)مخصوص ڪيس ۾ تحويل، تحفظ، جاچ يا انڪوائري کي نقصان پهچائي؛<br>(c)معلومات جي راز ۾ رکيل ذريعي جي سڃاڻپ پڌري ڪري؛<br>(d)قانوني تحويل مان فرار ٿيڻ ۾ سهولت فراهم ڪري؛ ۽<br>(e)ڪنهن ملڪيت يا سسٽم جي سڪيورٽي کي نقصان پهچائي، بشمول هڪ عمارت، گاڏي، ڪمپيوٽر سسٽم يا ڪمونيڪيشنز سسٽم جي. | قانون جي عملدارآمد لاءِ نقصانڪار انڪشاف Disclosure harmful to law enforcement |
| 17. معلومات کي ڇوٽ حاصل آهي جيڪڏهن هن ايڪٽ تحت ان جي پڌرائي سان درخواست گذار کانسواءِ ڪنهن ٻئي نامياري فرد (بشمول هڪ فوتي فرد) جي ذاتيات ۾ دخل | رازداري ۽ ذاتي معلومات Privacy and |

اندازي ٿئي ٿي.

personal information

18.معلومات کي ڇوٽ حاصل آهي جيڪڏهن ۽ جيستائين جيستائين ان جي پڌرائي:

معاشي ۽ واپاري معاملا Economic and commercial affairs

(a)تجويز ڪيل تعارف جي اڳواٽ پڌرائي، ڪنهن ٽيڪس، ڊيوٽي، وياج جي ملهه، مٽا سٽا جي ملهه جي تبديلي جي ختم ڪرڻ يا ڪنهن ٻئي اڪنامڪ مئنيجمينٽ جي لاڳو ڪرڻ جي نتيجي ۾ معيشت کي وڏو ۽ مستقل نقصان پهچائي سگهي؛

(b)ڪنهن شخص کي ٺيڪي جي سلسلي ۾ غير مناسب فائدو ڏيڻ جي نتيجي ۾ سرڪاري اداري جي مالي مفاد کي مستقل نقصان پهچائي سگهي ٿو جيڪو اهو شخص سرڪاري اداري ۾ داخل ٿي ملڪيت جي حاصل ڪرڻ يا نيڪال يا شين يا خدمتن جي فراهمي ۾ حاصل ڪري سگهي ٿو؛ يا

(c)سرڪاري اداري جي حريف کي معلومات پڌري ڪرڻ، جيڪو سرڪاري اداري جي قانوني واپاري سرگرمين کي مستقل نقصان پهچائي سگهي ٿو.

محتسب اعليٰ ڏانهن وسيلا Resources to the Ombudsman

19.(1) جيڪڏهن درخواست گذار کي معلومات فراهم نٿي ڪئي وڃي يا دفعہ 7 تحت عوامي رڪارڊ اعلان ڪيل رڪارڊ جي نقل بيان ڪيل وقت اندر فراهم نٿي ڪئي وڃي يا مقرر ڪيل عملدار اهڙي معلومات ڏيڻ کان انڪار ڪري ٿو يا جيئن معاملو هجي، اهڙي رڪارڊ جي نقل ڏيڻ کان انڪار ڪري ٿو، اهڙي بنياد تي تہ درخواست گذار کي اهڙي معلومات يا اهڙي رڪارڊ جي نقل حاصل ڪرڻ جو

حق نہ آهي، تہ درخواست گذار اهڙي معلومات، يا جيئن معاملو هجي، اهڙو رڪارڊ ڏيڻ لاءِ بيان ڪيل وقت جي آخري تاريخ جي ٽيهن ڏينهن اندر يا مقرر عملدار طرفان اهڙي معلومات يا اهڙي رڪارڊ جي نقل ڏيڻ کان انڪار جي زباني حڪم جي ٽيهن ڏينهن اندر، سرڪاري اداري جي سربراهہ وٽ شڪايت داخل ڪري سگهي ٿو ۽ سندس طرفان بيان ڪيل وقت اندر گهربل معلومات حاصل ڪرڻ ۾ ناڪامي تي محتسب اعليٰ وٽ شڪايت داخل ڪري سگهي ٿو.

(2) محتسب اعليٰ درخواست گذار ۽ مقرر ڪيل عملدار کي ٻڌڻ کانپوءِ مقرر ڪيل عملدار کي معلومات ڏيڻ، يا جيئن معاملو هجي رڪارڊ جي نقل ڏيڻ جي هدايت ڪري سگهي ٿو يا شڪايت رد ڪري سگهي ٿو.

غير سنجيده، پريشان ڪندڙ ۽ بدنيتي تي ٻڌل شڪايت خارج ڪرڻ
Dismissal of frivolous, vexatious and malicious complaint

20. جتي داخل ڪيل شڪايت بدنيتي تي ٻڌل، غير سنجيده ۽ پريشان ڪندڙ هجي، شڪايت متحسب اعليٰ طرفان رد ڪئي ويندي ۽ شڪايت گذار تي ڏنڊ مڙهيو ويندو جيڪو ڏهہ هزار رپين کان وڌيڪ نہ هوندو.

ڏوهہ
Offence

21.ڪو شخص رڪارڊ ضايع ڪري ٿو، جيڪو ضايع ڪرڻ وقت ڪنهن درخواست يا شڪايت جو مضمون هيو، ان جي پڌرائي کان بچائڻ جي ارادي سان تہ هن ايڪٽ

تحت قيد جي سزا لائق ڏوهہ ڪري ٿو جنهن جو مدو ٻن سالن کان وڌيڪ نہ هوندو يا ڏنڊ يا ٻئي گڏ.

**ڇوٽ**
**Indemnity**

22.هن ايڪٽ يا ان تحت جوڙيل ڪن قاعدن تحت سٺي نيت سان ڪجهہ ڪرڻ يا ڪجهہ ڪرڻ جي ارادي تي ڪنهن شخص خلاف ڪو مقدمو ڪيس يا ٻي قانوني ڪارروائي نہ ڪئي ويندي.

**ايڪٽ ٻين قانونن جي توهين نہ ڪندو**
**Act not be derogate other laws**

23.هن ايڪٽ جون گنجائشون اضافي هونديون ۽ وقتي طور لاڳو ڪنهن ٻئي قانون سان ٽڪراءَ ۾ نہ هونديون.

**رنڊڪون هٽائڻ جو اختيار**
**Power to remove difficulties**

24.جيڪڏهن هن ايڪٽ جي گنجائشن کي موثر بڻائڻ ۾ ڪا رڪاوٽ پيش اچي ٿي، حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ اهڙو حڪم ڪري سگهي ٿي، جيڪو هن ايڪٽ جي گنجائشن سان ٽڪراءَ ۾ نہ هوندو ۽ رڪاوٽ هٽائڻ لاءِ لازمي ۽ ضروري هوندو.

**قاعدا جوڙڻ جو اختيار**
**Power to make rules**

25.(1)حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي.

(2)خاص طور تي ۽ مٿي ڄاڻايل اختيارن جي عام حيثيت سان تضاد ڪانسواءِ، اهڙا قاعدا فراهم ڪن ٿا:

(a)معلومات حاصل ڪرڻ ۽ عوامي رڪارڊ جي نقل لاءِ واجب الادا في؛

(b)معلومات ۽ عوامي رڪارڊ جي نقل حاصل ڪرڻ لاءِ درخواست جو طريقو.

(c)طريقو جنهن تحت عوامي رڪارڊ مان معلومات
فراهم ڪئي ويندي.

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**